# ڪم وارا وِرد

سنڌي




شيخ طريقت، امير اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علّامه مولانا ابو بلال

**محمّد الياس عطّار قادري رضوي**

دامت برکاتهم العالية

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

**اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَام**

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص ٤٠ دار الفكر بيروت)



طالب غم مدينه بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: ڪم وارا ورد

ڇاپو پهريون: شوال المكرم 1442هه جون 2021ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مكتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريدڪندڙ توجهه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مكتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جو اُردو زبان ۾ رسالو

# ڪم وارا وِرد

**پيشڪش**

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

**ترجمو**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست

## ڪم وارا ورد 2

ڪم وارا ورد ........ 1
دعاءِعطار: ........ 1
درود شريف جي فضيلت ........ 1
بزرگن ڪان نقل ٿيل 38 مدني وظيفا ........ 1
﴿1﴾ ڊيڄارڻ وارن خوابن ڪان نجات ........ 1
﴿2﴾ جانور جي چڪ (يا ڏنگ) جو عمل ........ 2
﴿3﴾ خوني ۽ بادي بواسير جي خاتمي لاءِ ........ 2
﴿4﴾ فالج (اڌ رنگو) ۽ لَقوو (وات ۽ چهرو ڦري وڃڻ جي بيماري) ........ 2
﴿5﴾ قوت حافظ (ياد داشت مضبوط ڪرڻ) لاءِ ........ 3
﴿6﴾ ذهن کولڻ لاءِ ........ 3
﴿7﴾ ڪوڙهه ۽ سائي ........ 3
﴿8﴾ رزق ۾ برڪت ........ 4
﴿9﴾ روزگار جي ڳولا ........ 4
﴿10﴾ ڪڏهن محتاج نه ٿيو ........ 4
﴿11﴾ چوريءَ ڪان محفوظ رهي ........ 4
﴿12﴾ گم ٿيل شيءِ ملڻ جو عمل ........ 5

﴿13﴾ مُـرادون پُوريون ٿيڻ لاءِ ..................................5
﴿14﴾ هر حاجت ۽ مراد پوري ٿيندي ..................................5
﴿15﴾ برف باري روڪڻ لاءِ ..................................5
﴿16﴾ غائب يا پڇي ويل شخص کي گهرائڻ لاءِ ..................................6
﴿17﴾ زهر جو اثر نہ ٿئي ..................................6
﴿18﴾ بخار کان شفاءَ ..................................7
﴿19﴾ ظالم ۽ شيطان جي شر کان پناهہ جي لاءِ ..................................7
دعاءِ سَيدُنا انس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ..................................9
﴿20﴾ حافظي (يادگيريءَ) جي قوت لاءِ ..................................10
﴿21﴾ نظر وڌائڻ جي لاءِ ..................................10
﴿22﴾ زبان ۾ هٻڪ ..................................10
﴿23﴾ پيٽ جي سور لاءِ ..................................10
﴿24﴾ ترِي وڏي وڃڻ ..................................11
﴿25﴾ ڇڪِي پوڻ (دُن جي بيماري) ..................................11
﴿26﴾ بخار ..................................12
﴿27﴾ قَـٽ قُـرڙي ..................................12
﴿28﴾ ڇتي ڪتي جو چڪ ..................................13
﴿29﴾ بي اولادِڻ ..................................13
﴿30﴾ جيڪڏهن پيٽ ۾ ٻار ٿيڙو ٿي ويو تہ ..................................14
﴿31﴾ هيضو (يعني دست ۽ الٽين جي بيماري) ..................................14
﴿32﴾ الٽي، سور ۽ پيٽ جي سور لاءِ ..................................14

﴿33﴾ عضون جي سور لاءِ ........ 14
﴿34﴾ احتلام کان حفاظت ........ 15
﴿35﴾ اکيون ڪڏهن به نه اٿن ........ 15
﴿36﴾ گهر ۾ مدني ماحول بڻائڻ جو نسخو ........ 15
﴿37﴾ شوگر جو علاج ........ 16
﴿38﴾ قرض لاهڻ جو وظيفو ........ 16
”بَري“ جي ٽن اکرن جي نسبت سان ........ 17
سورت ڪافرون جا 3 فضائل ........ 17
”بسم اللّٰه“ جي ست اکرن جي نسبت ........ 19
سان سورة الاخلاص جا 7 فضائل ........ 19
”پَنجتَن“ جي پنج اکرن جي نسبت ........ 22
سان سورة فلق ۽ الناس جا 5 فضائل ........ 22

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# ڪم وارا ورد

**دعاءِ عطار:**

ياالله پاڪ! جيڪو مڪمل رسالو ”ڪم وارا ورد“ پڙهي يا ٻڌي وٺي اُن کي گناهن ۽ فضول ڪمن کان بچاءِ ۽ ان کي ذڪر ۽ نعت ۾ مشغول رهڻ واري زبان عطا فرماءِ ۽ ان جي بي حساب مغفرت فرماءِ.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلّى الله عليه واٰله وسلّم

## درود شريف جي فضيلت

نبي پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جنهن کي اهو پسند هجي ته اهو الله پاڪ سان هن حال ۾ ملاقات ڪري جو الله پاڪ ان کان راضي هجي ته ان کي گهرجي ته اهو مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهي.

(افضل الصلوٰة علي سيد السادات، ص 27)

رَحْمَةٌ لِّلْعٰلَمِيْن ہو، اور شَفِيْعُ الْمُذْنِبِيْن ہو
فَضْلِ رب سے کیا نہیں ہو، بعدِ رب کے بس تمہیں ہو

يَا نَبِي سَلَامٌ عَلَيْک يَا رَسُوْل سَلَامٌ عَلَيْک
يَا حَبِيْب سَلَامٌ عَلَيْک صَلَوٰةُ اللّٰهِ عَلَيْک

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بزرگن کان نقل ٿيل 38 مدني وظيفا

### ﴿1﴾ ديجارڻ وارن خوابن کان نجات

”يَا مُتَكَبِّرُ“ 21 پيراءِ اوّل ۽ آخر هڪ هڪ پيرو درود شريف سمهڻ

مهل پڙهي وٺندا تہ اِنْ شَآءَاللّٰہ ڊيڄاريندڙ خواب ڪونہ ايندا.
(فيضان سنت باب آداب طعام ج1 ص 242 )

## ﴿2﴾ جانور جي چڪ (يا ڏنگ) جو عمل

**هيءَ آيت** ڪريمہ هر جانور جي چڪ **(يا ڏنگ)** لاءِ آزمايل آهي، يارهن ڀيرا پڙهي ڪري ڏنگيل جاءِ تي دم ڪيو.

اَمْ اَبْرَمُوْۤا اَمْرًا فَاِنَّا مُبْرِمُوْنَ ﴿۷۹﴾

(پ 25 الزخرف : 79)

## ﴿3﴾ خوني ۽ بادي بواسير جي خاتمي لاءِ

هر قسم جي خوني يا بادي بواسير جي لاءِ ٻہ رڪعتون نماز پڙهو پهرين رڪعت ۾ **الحمد شريف** ڪانپوءِ سوره **الم نشرح**، ٻئي رڪعت ۾ **سوره فيل** ۽ سلام ورائڻ ڪانپوءِ ستّر ڀيرا هي پڙهو

اَسْتَغْفِرُاللّٰهَ رَبِّيْ مِنْ كُلِّ ذَنْۢبٍ

وَّ اَتُوْبُ اِلَيْهِ سُبْحٰنَ اللّٰهِ وَبِحَمْدِهٖ

ڪجھ ڏينهن ائين ڪجي اِنْ شَآءَاللّٰہ بواسير جو خاتمو تي ويندو.

## ﴿4﴾ فالج (اڌ رنگو) ۽ لَقوو (وات ۽ چهرو ڦري وڃڻ جي بيماري)

**لقوو ۽ فالج**: **سوره زلزال** لوهہ (STEEL) جي ٿانوَ تي لکي ڌوئي پياري وڃي.

**ٻي ترڪيب**: **سوره زلزال** لوهہ (STEEL) جي ٿانوَ تي لکي ڪري ڏيو جو مريض ان تي ڏسي اِنْ شَآءَاللّٰہ ڪيس صحت ملندي .

## ﴾5﴿ قوت حافظ (ياد داشت مضبوط ڪرڻ) لاءِ

**ديني ڪتاب** يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي وٺو. (**اول** ۽ **آخر درود شريف**) اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندؤ ياد رهندو:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَامِ

**ترجمو:** اي الله پاڪ! اسان تي علم ۽ حڪمت (دانائيءَ) جا دروازا کول ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ، اي عظمت ۽ بزرگيءَ وارا! (المستطرف، ج. 1، ص. 40 دار الفكر)

## ﴾6﴿ ذهن کولڻ لاءِ

**هر روز سبق** کان پهريان **ايڪيتاليهه** ڀيرا پڙهي ڪري سبق شروع ڪندا.

اِلٰهِیْ اَنْتَ اِلٰهٌ عَالِمٌ وَّاَنَا عَبْدُكَ جَاهِلٌ اَسْئَلُكَ اَنْ تَرْزُقَنِیْ عِلْمًا نَّافِعًا وَّفَهْمًا كَامِلًا وَّطَبْعًا زَكِيًّا وَّقَلْبًا صَفِيًّا حَتّٰى اَعْبُدَكَ وَلَا تُهْلِكْنِیْ بِالْجَهَالَةِ بِرَحْمَتِكَ يَآ اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ

## ﴾7﴿ ڪوڙهه ۾ سائي

سوره **بَيِّنة** پڙهي ڪري برص ۾ يرقان (**يعني ڪوڙهه** ۽ **سائي**) واري تي دم ڪريو ۽ لکي ڪري ڳچيءَ ۾ وجهو. ڪاڏي تي بئي وقت

هيءَ سورة صحيح خوان (**يعني درست پڙهندڙ**) کان پڙهائي دم ڪري ڪارايو، الله **تعاليٰ چاهيو تہ** گهڻو فائدو ٿيندو.

## ﴿8﴾ رزق ۾ برڪت

يَا مُسَبِّبَ الْاَسْبَابِ: پنج سؤ پيرا، اوّل ۽ آخر درود پاڪ 11، 11 پيرا، **سومهڻيءَ** جي نماز کانپوءِ قبلي جي طرف منهن ڪري باوضو، اگهاڙي مٿي اهڙي جاءِ تي جتي مٿي آسمان جي وچ ۾ ڪابہ شيءِ رڪاوٽ نہ هجي، ايسيتائين جو مٿي تي ٽوپي بہ نہ هجي، پڙهندا رهو.

## ﴿9﴾ روزگار جي ڳولا

**روزگار** جي ڳولا لاءِ **سورة اخلاص** ڪي **بسم الله** شريف سان گڏ هڪ هزار هڪ (1001) پيرا اوّل ۽ آخر سؤ سؤ پيرا درود شريف، **عروج ماهہ** (**يعني چنڊ جي پهرين تان چوڏهين تائين**) ۾ پڙهڻ نهايت اثرائتو عمل آهي.

## ﴿10﴾ ڪڏهن محتاج نہ ٿيو

**جيڪو شخص** هر رات **سورهءِ واقعہ** پڙهندو ڪڏهن بہ بکيو نہ رهندو. اِنْ شَآءَاللّٰہ. (مشكاة المصابيح، ج. 1، ص. 409، حديث 2181)

**حضرت خواجہ ڪليم الله** صاحب رَحْمَةُاللهِعَلَيْه فرمائن ٿا: قرض جي ادائيگي ۽ محتاجي ختم ڪرڻ لاءِ هن ڪي مغرب (سج لٿي) جي نماز ڪانپوءِ پڙهو. (جنتي زيور، ص. 597)

## ﴿11﴾ چوريءَ کان محفوظ رهي

**سورة توبہ** ڪي پنهنجي **سامان** ۾ رکي اِنْ شَآءَاللّٰہ چوري کان محفوظ رهندو.

## ﴿12﴾ گم ٿيل شيءِ ملڻ جو عمل

چاليهه ڀيرا سوره يٰسين شريف ست ڏينهن تائين پڙهو.

## ﴿13﴾ مُرادون پُوريون ٿيڻ لاءِ

**حديث شريف** ۾ آهي حضور نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمائن ٿا تہ مونکي هڪ اهڙي آيت معلوم آهي جو جيڪڏهن ماڻهو ان تي عامل هُجن تہ سندن مرادون پوريون ٿيڻ لاءِ ڪافي آهي پوءِ هي آيت ڪريمہ ارشاد فرمايائون. (قرض جي ادائيگي،روزگار ۽ رزق ۾ فراخيءَ لاءِ هن جي ڪثرت مُفِيد ۽ مُجَرب آهي)

وَمَنْ يَّتَّقِ اللّٰهَ يَجْعَلْ لَّهٗ مَخْرَجًا ۝۲ وَّيَرْزُقْهُ مِنْ حَيْثُ لَا يَحْتَسِبُ ؕ وَمَنْ يَّتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ فَهُوَ حَسْبُهٗ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بَالِغُ اَمْرِهٖ ؕ قَدْ جَعَلَ اللّٰهُ لِكُلِّ شَيْءٍ قَدْرًا ۝۳ (پ 28 الطلاق 2،3)

## ﴿14﴾ هر حاجت ۽ مراد پوري ٿيندي

**هزار ڀيرا** "يَا شَيْخَ عَبْدَالْقَادِرِ شَيْئًا لِّلّٰهِ" پڙهي اوّل ۽ آخر 10، 10 ڀيرا درود شريف پڙهي ڪري ساڄي هٿ تي دم ڪري رُخسار (**يعني ڳل**) هينان رکي سمهي پئي تہ هر حاجت ۽ مُراد پوري ٿيندي. اِنْ شَآءَاللّٰه

## ﴿15﴾ برف باري روڪڻ لاءِ

**لوهہ جي ٿَـئِي** تي ڪاراڻ واري پاسي (**يعني ماني پچائڻ واري تئي جي**

**هيٺين پاسي)** هن دعا کي آگر سان لکي آسمان جي هيٺان رکو، اِنْ شَآءَاللّٰه برف باري بند ٿي ويندي. يَا حَافِظُ يَا خَافِضُ

## ﴿16﴾ غائب يا ڀڄي ويل شخص کي گهرائڻ لاءِ

**(الف)** ڪنهن بزرگ جي مزار ويجهو ۽ اهو ممڪن نہ هجي تہ گهر جي ڪُنڊ ۾ ويهي آيت:

وَ وَجَدَكَ ضَآلًّا فَهَدٰى ۝۷ وَوَجَدَكَ عَآئِلًا فَاَغْنٰى ۝۸

(پ30 وَالضحٰى 7،8)

نوَسؤ نوي ڀيرا پڙهجي پوءِ هڪ ڀيرو پوري سوره الضحٰي پڙهي دعا ڪجي اِنْ شَآءَاللّٰه اهو واپس ايندو.

**(ب)** عشاء (سومهڻي) جي نماز کانپوءِ ايڪيتاليهہ ڀيرا سوره الضحٰي **بسم الله** سميت پڙهي ڪري اُتي بيهي گهر جي ٻن **ڪنڊن ۾ آذان** ۽ ٻن ڪنڊن ۾ **تڪبير چئي** ڪري واپسيءَ جي لاءِ دعا ڪري تہ هڪ هفتي جي اندر اِنْ شَآءَاللّٰه واپس اچي ويندو.

## ﴿17﴾ زهر جو اثر نہ ٿئي

بِسْمِ اللّٰهِ الَّذِىْ لَا يَضُرُّ مَعَ اسْمِهٖ شَىْءٌ

فِى الْاَرْضِ وَلَا فِى السَّمَآءِ وَهُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ

**هميشہ** هيءَ دعا پڙهي ڪري کاڌو کائو ۽ پاڻي وغيره پيئو تہ اِنْ شَآءَاللّٰه **زهر** جو اثر ختم ٿي ويندو ۽ زهر ڪوبہ نقصان نہ ڏيندو.
(جنتي زيور، ص. 579)

## ﴿18﴾ بخار کان شفاءَ

**جنهن کي بخار هجي تہ ست ڀيرا هي دعا پڙهي:**

بِسۡمِ اللّٰهِ الۡکَبِيۡرِ اَعُوۡذُ بِاللّٰهِ الۡعَظِيۡمِ مِنۡ شَرِّ عِرۡقٍ نَّعَّارٍ وَّمِنۡ شَرِّ حَرِّ النَّارِ

**جيڪڏهن** مريض پاڻ نہ پڙهي سگهي تہ ڪو ٻيو نمازي ماڻهو ست ڀيرا پڙهي ڪري دم ڪري يا پاڻي تي دم ڪري ڪيس پيئاري اِنۡ شَآءَاللّٰه بخار لهي ويندو. هڪ دفعي سان بخار نہ لهي تہ هر هر اهو عمل ڪريو. (جنتي زيور ص 580)

## ﴿19﴾ ظالم ۽ شيطان جي شر کان پناهہ جي لاءِ

**محقق علي الاطلاق** حضرت سيدنا شيخ عبدالحق محدث دهلوي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پنهنجي هڪ مڪتوب (خط) ۾ لکن ٿا:

**امام** جلال الدين سيوطي رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه "**جمع الجوامع**" ۾ محدث ابوالشيخ جي **ڪتاب الثواب** ۽ تاريخ ابن عساڪر کان نقل ڪن ٿا تہ هڪ ڏينهن ظالم گورنر حجاج بن يوسف ثقفي حضرت سيدنا انس رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ کي مختلف قسمن جا چار سؤ گهوڙا ڏيکاري ڪري چيو تہ اي انس! ڇا تون پنهنجي صاحب (**يعني رسول الله** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) وٽ بہ ايڏا گهوڙا ۽ هيءُ شان ۽ شوڪت ڏٺو هيو؟ حضرت سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ جن فرمايو خدا جو قسم! مون رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وٽ هن کان بہ بهتر شيون ڏٺيون آهن ۽ مون حضور اڪرم

صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪان ٻڌو آهي تہ گهوڙا ٽن قسم جا آهن، هڪ اهو گهوڙو جيڪو جهاد جي لاءِ رکيو وڃي پوءِ ان جي رکڻ جو ثواب ارشاد فرمايائون (**اهو ثواب عام طور تي حديث جي ڪتابن ۾ موجود آهي**) ٻيو اُهو گهوڙو جيڪو پنهنجي سواري لاءِ رکيو وڃي، ٽيون اهو گهوڙو جيڪو شهرت جي لاءِ رکيو ويندو آهي. انهيءَ جي رکڻ سان ماڻهو جهنم ۾ ويندو. اي حجاج! تنهنجا گهوڙا اهڙا ئي آهن.

اهو ٻڌي **حجاج** کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي ۽ وراڻيائين، اي انس! جيڪڏهن مونکي هن جو خيال نہ هجي ها تہ تون رسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ڪئي آهي. ۽ امير المؤمنين (**عبدالملڪ بن مروان**) توسان رعايت ڪرڻ (**لحاظ رکڻ**) جي هدايت ڪئي آهي. تہ مان توسان ڏاڍو برو ورتاءُ ڪيان ها. **حضرت سيدنا انس** رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمايو: اي حجاج! خدا جو قسم! تون مون سان برو ورتاءُ نٿو ڪري سگهين ڇوتہ مون جناب **رسول الله** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان ڪجهہ ڪلمات ٻڌا آهن جن جي برڪت سان آءُ سدائين الله تعاليٰ جي پناهہ ۾ رهندو آهيان. ۽ ان ڪلمات جي بدولت ڪنهن ظالم جي سختي ۽ ڪنهن شيطان جي شر کان ناهيان ڊڄندو. حجاج ان گفتگو جي دهشت ڪارڻ **بلڪل ماٺ** ٿي ويو ۽ ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو، ٿوري دير ڪانپوءِ ڪنڌ کڻي ڪري چيائين اي ابوحمزه! (**اها سَيِدُنا انس** رَضِیَ اللهُ عَنْهُ **جي ڪنيت آهي**) اهي ڪلمات مونکي بہ ٻڌايو. انس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمايو تہ مان هرگز توکي نہ ٻڌائيندس هن لاءِ جو تون انهيءَ جي لائق ناهين. راوي جو بيان آهي تہ جڏهن **حضرت** انس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو آخري وقت آيو تہ سندن جو خادم اَبان رَضِیَ اللهُ عَنْهُ سندن جي سيرانديءَ وٽ روئڻ لڳو. حضرت انس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمايو: ڇا چاهيو ٿا! **حضرت**

**سيدنا ابان** رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ عرض ڪيو تہ اهي ڪلمات اسانکي سيکاريو جن جي ٻڌائڻ جي حجاج درخواست ڪئي هئي ۽ توهان انڪار ڪيو هو. حضرت انس رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ فرمايو اچو سکي وٺو انهن کي صبح ۽ شام پڙهجو. اهي ڪلمات هي آهن.

## دعاءِ سَيدُنا انس رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ

بِسۡمِ اللّٰهِ عَلٰی نَفۡسِیۡ وَدِیۡنِیۡ بِسۡمِ اللّٰهِ عَلٰی اَهۡلِیۡ وَمَالِیۡ وَوَلَدِیۡ بِسۡمِ اللّٰه عَلٰی مَا اَعۡطَانِیَ اللّٰهُ اَللّٰهُ رَبِّیۡ لَا اُشۡرِكُ بِهٖ شَیۡئًا اَللّٰهُ اَكۡبَرُ اَللّٰهُ اَكۡبَرُ اَللّٰهُ اَكۡبَرُ وَاَعَزُّ وَاَجَلُّ وَاَعۡظَمُ مِمَّا اَخَافُ وَاَحۡذَرُ عَزَّ جَارُكَ وَجَلَّ ثَنَآؤُكَ وَلَآ اِلٰهَ غَيۡرُكَ ؕ اَللّٰهُمَّ اِنِّیۡۤ اَعُوۡذُبِكَ مِنۡ شَرِّ نَفۡسِیۡ وَمِنۡ شَرِّ كُلِّ شَيۡطَانٍ مَّرِيۡدٍ وَمِنۡ شَرِّ كُلِّ جَبَّارٍ عَنِيۡدٍ فَاِنۡ تَوَلَّوۡا فَقُلۡ حَسۡبِیَ اللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ عَلَيۡهِ تَوَكَّلۡتُ وَهُوَ رَبُّ الۡعَرۡشِ الۡعَظِيۡمِ اِنَّ وَلِیِّ اللّٰهُ الَّذِیۡ نَزَّلَ الۡكِتٰبَ وَهُوَ يَتَوَلَّی الصّٰلِحِيۡنَ

هن دعا کي ٽي ڀيرا صبح ۽ ٽي ڀيرا شام جو پڙهڻ بزرگن جو معمول آهي. (جنتي زيور، ص. 583، اخبار الاخيار، ص. 292)

**صبح ۽ شام جي وضاحت:** اڌ رات ڪانپوءِ ڪان وٺي سج جو پهريون ڪرڻو چمڪڻ تائين صبح (انهيءَ سڄي وقفي ۾ جيڪو ڪجھ

پڑھيو وڃي ان کي صبح جو پڑھڻ چئبو) ۽ ظهر (ٻپهريءَ) جي شروعات کان سج لٿي تائين شام چورائيندي آهي. (انهيءَ سموري وقفي ۾ جيڪو ڪجهه پڑھيو وڃي ان کي شام جو پڑھڻ چئبو.)

## ﴿20﴾ حافظي (يادگيريءَ) جي قوت لاءِ

**پنجن ئي** نمازن ڪانپوءِ مٿي تي ساڄو هٿ رکي **يارهن ڀيرا** يَا قَوِيُّ پڑھو. (جنتي زيور، ص. 605)

## ﴿21﴾ نظر وڌائڻ جي لاءِ

**پنجن ئي** نمازن ڪانپوءِ يارهن ڀيرا يَا نُوْرُ پڑھي ٻنهي هٿن جي آڱرين تي دم ڪري اکين تي ڦيري ڇڏيو. (جنتي زيور، ص. 606)

## ﴿22﴾ زبان ۾ ھبڪ

فجر (**صبح**) جي نماز پڑھي ڪري هڪ پاڪ ٺڪري وات ۾ رکي ڪري هي **آيت** 21 **ڀيرا** پڑھو. (ايضًا)

رَبِّ اشْرَحْ لِيْ صَدْرِيْ ﴿٢٥﴾ وَ يَسِّرْ لِيْٓ اَمْرِيْ ﴿٢٦﴾

وَ احْلُلْ عُقْدَةً مِّنْ لِّسَانِيْ ﴿٢٧﴾ يَفْقَهُوْا قَوْلِيْ ﴿٢٨﴾

## ﴿23﴾ پيٽ جي سور لاءِ

**هي آيت سڀوري پاٽي** وغيره تي ٽي ڀيرا پڑھي ڪري پياريو يا لکي ڪري پيٽ تي ٻڌي ڇڏيو. (جنتي زيور، ص. 606)

لَا فِيْهَا غَوْلٌ وَّ لَا هُمْ عَنْهَا يُنْزَفُوْنَ ﴿٤٧﴾

(پ 23 الصّٰفّٰت 47)

## ﴿24﴾ تِري وڌي وڃڻ

**هن آيت** کي لکي تري جي جڳهه تي ٻڌي ڇڏيو:

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

ذٰلِكَ تَخۡفِيۡفٌ مِّنۡ رَّبِّكُمۡ وَرَحۡمَةٌ ؕ

(پ 2 البقره 178)

## ﴿25﴾ چڪِي پوڻ (ڏُن جي بيماري)

**(الف) هن آيت** سڳوري کي لکي دن جي جڳهه تي ٻڌي ڇڏيو.

(جنتي زيور، ص. 606)

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

اِنَّ اللّٰهَ يُمۡسِكُ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضَ اَنۡ تَزُوۡلَا ۚ وَلَئِنۡ زَالَتَاۤ اِنۡ اَمۡسَكَهُمَا مِنۡ
اَحَدٍ مِّنۡۢ بَعۡدِهٖ ؕ اِنَّهٗ كَانَ حَلِيۡمًا غَفُوۡرًا ۝٤١ (پ 22 فاطر : 41)

**(ب) شفا حاصل ٿيڻ تائين** روزانو هڪ ڀيرو ڏُن تي هٿ رکي اوّل آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف سان گڏ هينيون آيتون ست ڀيرا پڙهي ڪري دم ڪجي. **(هي عمل سڳِ مدينہ جو آزمايل آهي)**

هُوَ الَّذِيۡۤ اَنۡزَلَ عَلَيۡكَ الۡكِتٰبَ مِنۡهُ اٰيٰتٌ مُّحۡكَمٰتٌ هُنَّ اُمُّ الۡكِتٰبِ وَاُخَرُ
مُتَشٰبِهٰتٌ ؕ فَاَمَّا الَّذِيۡنَ فِىۡ قُلُوۡبِهِمۡ زَيۡغٌ فَيَتَّبِعُوۡنَ مَا تَشَابَهَ مِنۡهُ ابۡتِغَآءَ
الۡفِتۡنَةِ وَابۡتِغَآءَ تَاۡوِيۡلِهٖ ۚ وَمَا يَعۡلَمُ تَاۡوِيۡلَهٗۤ اِلَّا اللّٰهُ ۘ وَالرّٰسِخُوۡنَ فِى الۡعِلۡمِ يَقُوۡلُوۡنَ

اٰمَنَّا بِهٖ ۙ كُلٌّ مِّنْ عِنْدِ رَبِّنَا ۚ وَمَا يَذَّكَّرُ اِلَّاۤ اُولُوا الْاَلْبَابِ ۝۷ رَبَّنَا لَا تُزِغْ قُلُوْبَنَا بَعْدَ اِذْ هَدَيْتَنَا وَهَبْ لَنَا مِنْ لَّدُنْكَ رَحْمَةً ۚ اِنَّكَ اَنْتَ الْوَهَّابُ ۝۸ (پ 3 ال عمران : 7،8)

## ﴿26﴾ بخار

**(الف)** جيڪڏهن ”بغير سيءُ جي“ بخار هجي تہ هي آيت لکي ڪري ڳچيءَ ۾ ٻڌو ۽ انهيءَ کي پڙهي دم ڪريو. (جنتي زيور، ص. 606)

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

قُلْنَا يٰنَارُ كُوْنِيْ بَرْدًا وَّ سَلٰمًا عَلٰۤى اِبْرٰهِيْمَ ۝۶۹

(پ 17، الانبياء: 69)

**(ب)** جيڪڏهن ”**سِيءُ بخار**“ هجي تہ هي آيت لکي ڪري ڳچيءَ ۾ ٻڌو. (جنتي زيور، ص. 606)

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

بِسْمِ اللّٰهِ مَجْرٖىهَا وَمُرْسٰىهَا ؕ اِنَّ رَبِّيْ لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ۝۴۱

(پ 12، هود ، 41)

## ﴿27﴾ ڦَٽ ڦُرڙي

**پاڪ صاف ٿِتر** پيهي (پورا پورا ڪري) ان تي هيءَ دعا ٽي ڀيرا پڙهي ڪري ڦُٽڪجي ۽ انهيءَ مٿي تي ٿورو پاڻي ڇَٽي اها مٿي تڪليف جي جڳهہ تي ڏينهن ۾ ٻہ چار ڀيرا مليندا (**مَلِيندا**) ڪريو چاهيو تہ ڦرڙي وغيره تي اها مٿي لڳائي پٽي ٻڌي ڇڏيو.

(جنتي زيور، ص. 607)

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

اِنَّهُمۡ يَكِيۡدُوۡنَ كَيۡدًا ۙ﴿۱۵﴾ وَّ اَكِيۡدُ كَيۡدًا ۚ﴿ۖ۱۶﴾ فَمَهِّلِ الۡكٰفِرِيۡنَ
اَمۡهِلۡهُمۡ رُوَيۡدًا ﴿۱۷﴾ (پ 30 الطارق 15_17)

## ﴾28﴿ چيتي ڪتي جو چڪ

**مٿي ڄاڻايل آيت ڪريمه** کي ماني يا بسڪٽ جي چاليهه ٽڪرن تي لکي هڪ ٽڪرو روزانو ان شخص کي کارايو، اِنْ شَآءَاللّٰه اهو پاڳل ۽ چِتو ڪونہ ٿيندو. (جنتي زيور 607)

## ﴾29﴿ بي اولادِ

**چاليهه داڻا لونگ** کڻي هر داڻي تي ست ست ڀيرا هن آيت کي پڙهجي ۽ جنهن ڏينهن عورت حيض (ماهواريءَ) کان پاڪ ٿي غسل ڪري ان ڏينهن کان هڪ داڻو **لونگ** روزانو سمهڻ مهل کائڻ شروع ڪري ۽ ان مٿان پاڻي نہ پيئي ۽ انهيءَ وچ ۾ مڙس کان ميلاپ نہ ڪري. (جنتي زيور، ص. 607)

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

اَوۡ كَظُلُمٰتٍ فِىۡ بَحۡرٍ لُّـجِّىٍّ يَّغۡشٰهُ مَوۡجٌ مِّنۡ فَوۡقِهٖ مَوۡجٌ مِّنۡ فَوۡقِهٖ سَحَابٌ ؕ
ظُلُمٰتٌۢ بَعۡضُهَا فَوۡقَ بَعۡضٍ ؕ اِذَاۤ اَخۡرَجَ يَدَهٗ لَمۡ يَكَدۡ يَرٰٮهَا ؕ وَمَنۡ لَّمۡ يَجۡعَلِ
اللّٰهُ لَهٗ نُوۡرًا فَمَا لَهٗ مِنۡ نُّوۡرٍ ﴿۴۰﴾ (پ18 النور 40) اِنْ شَآءَاللّٰه اولاد ملندو.

## ﴿30﴾ جيڪڏهن پيٽ ۾ ٻار ٿيڙو ٿي ويو ته......

سورة الانشقاق جون شروعاتي پنج آيتون ٽي پيرا پڙهي (اول آخر درود شريف پڙهي) آيتن جي شروع ۾ هر پيري بسم الله پڙهي وٺي، پوءِ پاڻي تي دم ڪري پي ڇڏي، روزانو هي عمل ڪندي رهي، وقت به انهن آيتن جو ورد ڪندي رهي، ٻيو ڪوبه دم ڪري ڏئي سگهي ٿو، اِنْ شَآءَاللّٰه ٻار سڌو ٿي ويندو، ويم جي سور لاءِ به هي عمل فائديمند آهي.

## ﴿31﴾ هيضو (يعني دست ۽ الٽين جي بيماري)

**هر تڪليف** ۾ پيئڻ جي شيءِ تي ”سُورَهءِ اِنَّآ اَنۡزَلۡنٰه“ پڙهي دم ڪري ڇڏيندا ڪريو ته اِنْ شَآءَاللّٰه حفاظت رهندي ۽ جنهن کي مرض ٿي وڃي ته ان کي به ڪنهن شيءِ تي دم ڪري ڪارايو ۽ پياريو، اِنْ شَآءَاللّٰه شفا حاصل ٿيندي. (جنتي زيور، ص. 609)

## ﴿32﴾ الٽي، سور ۽ پيٽ جي سور لاءِ

**هن آيتِ ڪريمه تي لکي ڪري پياريو**

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

اَوَلَمۡ يَرَ الۡاِنۡسَانُ اَنَّا خَلَقۡنٰهُ مِنۡ نُّطۡفَةٍ فَاِذَا هُوَ خَصِيۡمٌ مُّبِيۡنٌ ۝٧٧

(پ23 يس : 77)

## ﴿33﴾ عضون جي سور لاءِ

**نماز کانپوءِ ستَ پيرا هيءَ آيتِ ڪريمه**

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ۝

لَوۡ اَنۡزَلۡنَا هٰذَا الۡقُرۡاٰنَ عَلٰی جَبَلٍ لَّرَاَیۡتَهٗ خَاشِعًا مُّتَصَدِّعًا مِّنۡ خَشۡیَةِ اللّٰهِ ؕ وَ تِلۡكَ الۡاَمۡثَالُ نَضۡرِبُهَا لِلنَّاسِ لَعَلَّهُمۡ یَتَفَكَّرُوۡنَ ۝۲۱

پڙهي ڪري ٻنهي هٿن تي دم ڪري سُور واري جاءِ تي هٿ گُهمايو ته اِنۡ شَآءَاللّٰه سور ختم ٿي ويندو.

## ﴿34﴾ احتلام کان حفاظت

**احـتـلام** (ننڊ ۾ ٿَڙُ پوڻ) کان بچڻ جي لاءِ **سوره نوح** سُمهڻ وقت هڪ ڀيرو پڙهي پاڻ تي دم ڪري ڇڏيو.

## ﴿35﴾ اکيون ڪڏهن به نہ اٿن

مَرۡحَبًا بِحَبِیۡبِیۡ وَ قُرَّةِ عَیۡنِیۡ مُحَمَّدِ بۡنِ عَبۡدِاللّٰهِ

امام حسن رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ کان روايت آهي تہ: جيڪو شخص مؤذن کي ”اَشۡهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوۡلُ اللّٰهِ“ چوندو ٻُڌي ڪري هي چوي ۽ پنهنجي آڱوٺن (جي ننهن) کي چُمي ڪري اکين سان لڳائي تہ، نہ ڪڏهن انڌو ٿيندو ۽ نہ ئي ان جون اکيون ڪڏهن اٿنديون. (المقاصدُ الحسنه، ص. 391)

## ﴿36﴾ گهر ۾ مدني ماحول بڻائڻ جو نسخو

رَبَّنَا هَبۡ لَنَا مِنۡ اَزۡوَاجِنَا وَ ذُرِّیّٰتِنَا قُرَّةَ اَعۡیُنٍ وَّ اجۡعَلۡنَا لِلۡمُتَّقِیۡنَ اِمَامًا ۝۷۴

**ترجمو ڪنزالايمان**: اي اسان جا رب اسانکي ڏي اسانجي زالن ۽ اسانجي اولاد مان اکين جي ٺڏائي ۽ اسان کي پرهيزگارن جو اڳواڻ بڻاءِ. (پ 19 الفرقان 74)

**هر نماز کانپوءِ** هي دعا اول و آخر **درود شريف** سان هڪ ڀيرو پڙهي ونجي تہ اِنْ شَآءَاللّٰه ٻار ٻچا سنتن جا پابند بڻبا ۽ گهر ۾ مدني ماحول قائم ٿيندو. (مسائل القرآن ص 290)

## ﴿37﴾ شوگر جو علاج

رَبِّ اَدْخِلْنِيْ مُدْخَلَ صِدْقٍ وَّ اَخْرِجْنِيْ مُخْرَجَ صِدْقٍ وَّاجْعَلْ لِّيْ مِنْ لَّدُنْكَ سُلْطٰنًا نَّصِيْرًا ﴿۸۰﴾

**ترجمو ڪنزالايمان**: اي منهنجا رب مون کي سچي طرح داخل ڪر ۽ سچي طرح ٻاهر وٺي هل. ۽ مون کي پنهنجي طرف کان مددگار قوّت عطا ڪر.
(15 سوره بني اسرائيل : 80)

**هيءَ** قرآني دعا روزانو صبح ۽ شام ٽي ٽي ڀيرا (**اول ۽ آخر ٽي ٽي ڀيرا درود پاڪ**) پڙهي ڪري پاڻيءَ تي دم ڪري پيئو. (**علاج جي مدت**: **شفاء ملڻ تائين**)

## ﴿38﴾ قرض لاهڻ جووظيفو

اَللّٰهُمَّ اكْفِنِيْ بِحَلَالِكَ عَنْ حَرَامِكَ وَاَغْنِنِيْ بِفَضْلِكَ عَمَّنْ سِوَاكَ

**ترجمو**: **"يا الله ! مونکي حلال رزق عطا فرمائي ڪري حرام کان بچاءِ ۽ پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان پاڻ کان سواءِ ٻين کان بي نياز ڪري ڇڏ"**. مراد حاصل ٿيڻ تائين هر نماز کانپوءِ 11،11 ڀيرا ۽ پڻ صبح ۽ شام سؤ سؤ ڀيرا روزانو (**اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف**) پڙهو.

**چون ٿا** تہ هڪ **مُڪاتَب** (مڪاتَب ان غلام ڪي چئبو آهي جنهن پنهنجي مالڪ سان مال جي ادائيگيءَ جي عيوض آزاديءَ جو معاهدو ڪيو هجي. (مختصر-القدوري ص 171") حضرت مشڪل ڪشاء علي المرتضيٰ شير خدا رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيو: "آءُ پنهنجي ڪتابت (**يعني آزاديءَ جي قيمت**) ادا ڪرڻ ڪان عاجز (**لاچار**) آهيان، منهنجي مدد فرمايو، پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمايو: آءُ توکي ڪجهہ ڪلمات نہ سيکاريان جيڪي **جناب رسول اللّٰه** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مونکي سيکاريا آهن، جيڪڏهن توهان تي جبلِ صير (**صير هڪ جبل جو نالو آهي**. (النهايه ج3 ص 61) جيڏو دَين (**يعني قرض**) هوندو تہ بہ **اللّٰه پاڪ** توهان جي طرفان ادا ڪري ڇڏيندو. توهان هيئن چوندا ڪريو:

اَللّٰهُمَّ اكْفِنِيْ بِحَلَالِكَ عَنْ حَرَامِكَ وَاَغْنِنِيْ بِفَضْلِكَ عَمَّنْ سِوَاكَ

(سنن الترمذي، ج. 5، ص. 329، حديث 3574)

## "بَــري" جي ٿن اکرن جي نسبت سان
## سورت ڪــافرون جا 3 فضائل

﴿1﴾ **حضرت سيدنا** فَرْوَہ بن نوفل رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ ڪان روايت آهي انهن نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي ڪري عرض ڪيو يارسول **اللّٰه** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مونکي اهڙي شيءِ ٻڌايو جنهن ڪي آئون بستري ڏانهن ويندي پڙهندو ڪريان نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو قُلْ يٰاَيُّهَا الْكٰفِرُوْن پڙهندو ڪر هي شرڪ ڪان **براءَت** (يعني آزادي) آهي. (السنن الترمذي حديث 3414 ج 5 ص257)

﴿2﴾ **حضرت سيدنا انس** رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ شهنشاهِ مدينہ قرارِ قلب وسينہ، صاحبِ معطر پسينہ، باعثِ نزول سڪينہ فيضِ گنجينہ صَلَّی اللہ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن هڪ صحابي رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کي ارشاد فرمايو ”اي فلاڻا“ ڇا تو شادي ڪري ڇڏي آهي؟ تہ ان عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّی اللہ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم الله جو قسم! ناهي ڪئي، مون وٽ شادي ڪرڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ آهي ”فرمايائون“ ڇا توکي قُلْ هُوَاللّٰهُ اَحَدٌ ياد نہ آهي؟ ان عرض ڪيو: جونہ ”پاڻ ڪريم صَلَّی اللہ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو هيءَ قرآن جي ٽئين حصي جي برابر آهي.“ وري فرمايائون! ڇا توکي اِذَا جَآءَ نَصْرُ اللّٰهِ وَالْفَتْحُ ياد نہ آهي؟ ان عرض ڪيو: ”جونہ“ فرمايائون ”هي قرآن جي چوٿائي حصي جي برابر آهي. وري پڇيائون ڇا توکي قُلْ يٰاَيُّهَا الْكٰفِرُوْنَ ياد نہ آهي؟ ان عرض ڪيو ”جونہ“ فرمايائون هي قرآن جي چوٿائي جي برابر آهي وري فرمايائون ڇا توکي اِذَا زُلْزِلَتِ الْاَرْض ياد نہ آهي؟ ان عرض ڪيو ”جونہ“ فرمايائون هي چوٿائي قرآن آهي. پوءِ فرمايائون ”شادي ڪري وٺ“ ”**شادي ڪري وٺ**“.

(سنن الترمذي حديث 2904 ج4 ص 409)

﴿3﴾ **حضرت سيدنا ابن عباس** رَضِیَ اللہ عَنْہُ کان روايت آهي تہ نور جي پيڪر تمام نبين جي سرور، ٻنهي جهانن جي تاجور، سُلطانِ بَحرُ و بَر صَلَّی اللہ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو اِذَا زُلْزِلَت نصف (**يعني اڌ**) قرآن جي برابر آهي ۽ قُلْ هُوَاللّٰهُ اَحَدٌ قرآن جي ٽئين حصي جي برابر آهي ۽ قُلْ يٰاَيُّهَا الْكٰفِرُوْنَ چوٿائي قرآن جي برابر آهي.“ (سنن الترمذي الحديث 2903 ج 4 ص 409)

## ”بسم اللّٰه“ جي ست اکرن جي نسبت سان سوره الاخلاص جا 7 فضائل

﴿1﴾ **حضرت سيدنا اَبُو دَردَاءَ** رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان مروي آهي تہ حُضُورِ پَاڪ، صَاحبِ لَولَاڪ، سَيَّاحِ اَفْلَاڪ صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو توهان مان ڪو ماڻهو رات ۾ قرآن جو ٽيون حصو ڇونہ ٿو پڙهي؟ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنْھُم عرض ڪيو. ڪو شخص قرآن جو ٽيون حصو ڪيئن پڙهي سگهي ٿو؟ ارشاد فرمايائون قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ قرآن جي ٽئين حصي جي برابر آهي.“ (صحيح مسلم حديث 811 ص 405)

﴿2﴾ **حضرت سيدنا** اَبُوهُرَيره رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ سَيِّدُالمُرسَلِين خاتم النبين جناب رحمةٌ للعالمين صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو پاڻ ۾ گڏ ٿي وڃو ڇوتہ هاڻ آئون توهان جي سامهون قرآن جو ٽيون حصو پڙهندس. ”جيئن تہ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنْھُم جن مان جنهن ڪي جمع ٿيڻو هو اهي گڏ ٿي ويا پوءِ نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن تشريف ڪٺي آيا ۽ قُلْ هُوَاللّٰهُ اَحَدٌ پڙهيو ۽ واپس هليا ويا، اسين هڪ ٻئي کي چوڻ لڳاسون“ شايد آسمان کان ڪا خبر آئي آهي جنهن جي سبب حضور صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم قُلْ هُوَاللّٰهُ اَحَدٌ (سورت) پڙهي واپس تشريف ڪٺي ويا. جڏهن پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم بيهر تشريف ڪٺي آيا تہ فرمايائون: ”مون توهان جي سامهون قرآن جو ٽيون حصو پڙهڻ لاءِ چيو هو. **تہ ٻڌي وٺو**! اهائي سورت قرآن جي ٽئين حصي جي برابر آهي“. (صحيح مسلم حديث 812 ص 405)

﴿3﴾ حضرت سيدنا اَبُوسَعِيد خُدري رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائن ٿا تہ هڪ شخص ڪنهن کي هر هر قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ پڙهندي ٻڌو تہ صبح جي وقت رَسُول اَڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿي ڪري ان جو تذڪرو ڪيو اهو صاحب جڻ تہ ان کي گهٽ سمجهي رهيو هو تہ **رسول اللّٰه** صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”ان ذات جي قسم جنهن جي دستِ قدرت ۾ منهنجي جان آهي هي سورت قرآن جي ٽئين حصي جي برابر آهي.“ (صحيح البخاري الحديث 5013 ج3 ص 406)

﴿4﴾ حضرت سيدنا مُعاذ بن انس جُهني رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ اللّٰه جي محبوب داناءِ غيوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جيڪو ماڻهو ڏهہ ڀيرا قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ پڙهندو اللّٰه پاڪ ان لاءِ جنت ۾ هڪ محل ٺاهيندو. **حضرت سيدنا عُمَر بن خطاب** رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جن عرض ڪيو: **يارسول اللّٰه** صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پوءِ تہ اسان هن کي ڪثرت سان پڙهنداسين. **پاڻ ڪريم** صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو. اللّٰه پاڪ تمام گهڻو عطا ڪرڻ وارو ۽ پاڪ آهي.“ (مسند امام احمد بن حنبل حديث 15610 ج 08)

﴿5﴾ **اُمُ الْمُؤمِنِين** حضرت سيدتنا عائشہ صديقہ رَضِیَ اللہُ عَنْہَا کان مروي آهي تہ نُور جي پيڪر، نَبِيّن جي سرور، ٻنهي جهانن جي تاجور، سُلطان بَحَروبَر صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن هڪ صاحب کي سَرِيّہ (سريہ اهو ننڍڙو لشڪر آهي جنهن جو تعداد چار سؤ تائين هجي جيڪو دشمن جي طرف موڪليو وڃي. محدثين جي اصطلاح ۾ سريہ اهو لشڪر آهي جنهن ۾ حضور انور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم شريڪ نہ ٿيا هجن. (مراة المناجيح، 410/7، تحت الحديث:3849)) جو امير بڻائي ڪري موڪليو هي پنهنجي ساٿين کي نماز پڙهائيندو هو تہ ان ۾ سورت سان گڏ آخر ۾ قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ پڙهندو هو سَرِيّہ کان واپس

ٽيڻ ڪان پوءِ ماڻهن **رسول اللّٰه** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ان جو تذڪرو ڪيو تہ **نبي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ان ڪان پڇو تہ هو ائين ڇو پيو ڪري؟ ماڻهن ان ڪان پڇيو تہ ان ٻڌايو تہ آئون ان ڪي هر نماز ۾ ان لاءِ پڙهندو آهيان تہ هيءَ رحمٰن جي صفت آهي ۽ آئون ان جي پڙهڻ ڪي پسند ڪندو آهيان." اهو ٻڌي ڪري نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ان ڪي خبر ڏيو تہ الله پاڪ بہ ان سان محبت فرمائي ٿو. (صحيح بخاري الحديث 7375 ج 4 ص 531)

﴿6﴾ **حضرت سيدنا ابوهريره** رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا تہ آئون خَاتَمَ الْمُرْسَلِيْن رَحْمَةٌ لِلْعَالَمِيْن، شفيع المذنبين، اَنِيسُ الْغَرِيبِين، سِرَاجُ السَّالِكِين، مَحْبُوبِ رَبُّ الْعَالَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان گڏ ڪاٿي وڃي رهيو هئس ڪنهن ڪي سوره اخلاص پڙهندي ٻڌو تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو. "**واجب ٿي وئي**" مون عرض ڪيو: **يارسول اللّٰه** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪهڙي شيءِ واجب ٿي وئي؟ فرمايائون "جنت".
(الموطا للامام مالڪ الحديث 495 ص 198)

﴿7﴾ حضرت سيدنا انس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ڪان روايت آهي تہ تاجدار رسالت، شهنشاهِ نبوت مخزنِ جودوسخاوت، پيڪرِ عظمت و شرافت، محبوبِ رب العزت، محسنِ انسانيت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، جن ارشاد فرمايو: جيڪو شخص روزانو سؤ ڀيرا قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ پڙهندو ان جا پنجاهہ سالن جا گناهہ مٽايا ويندا پر هي جو ان تي قرض هجي (يعني قرض معاف نہ ٿيندو.) (سنن الترمذي حديث 2907 ج4 ص 411)

## ”پَنجــتَن“ جي پنج اکرن جي نسبت سان سوره فلق ۽ الناس جا 5 فضائل

﴿1﴾ **حضرت سيدنا** جابر بن عبد الله رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ فرمائن ٿا تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مون کي فرمايو”اي جابر“ پڙهو، مون عرض ڪيو **يا رسول الله** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تي قربان! ڇا پڙهان فرمايائون! قُلۡ اَعُوۡذُ بِرَبِّ الۡفَلَقِ ۽ قُلۡ اَعُوۡذُ بِرَبِّ النَّاسِ پوءِ مون هي ٻئي سورتون پڙهيون تہ فرمايائون تہ هنن ٻنهي کي پڙهندو ڪر ڇوتہ تون ان جي مثل ڪڏهن بہ نہ پڙهي سگهندي.

(الاحسان بترتيب صحيح ابن حبان ، الحديث 793، ج2 ص 84)

﴿2﴾ حضرت سيدنا عقبہ بن عامر رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ کان روايت آهي تہ آئون هڪ سفر ۾ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان گڏ هيس تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”اي عقبہ! ڇا توکي آئون پڙهيون ويندڙ بہ بهترين سورتون نہ سيکاريان؟“ پوءِ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مونکي قُلۡ اَعُوۡذُ بِرَبِّ الۡفَلَقِ ۽ قُلۡ اَعُوۡذُ بِرَبِّ النَّاسِ سيکاريون. (سنن ابي داود، الحديث 1462، ج. 2، ص. 103)

﴿3﴾ حضرت سيدنا عقبہ بن عامر رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ کان روايت آهي تہ آئون رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان گڏ جحفہ ۽ ابواء (**ٻن جڳهين**) جي وچ مان گذري رهيو هيس تہ اسان کي سخت انڌاريءَ گهيري ورتو تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن قُلۡ اَعُوۡذُ بِرَبِّ الۡفَلَقِ ۽ قُلۡ اَعُوۡذُ بِرَبِّ النَّاسِ جي ذريعي پناهہ گهرڻ شروع ڪئي ۽ مونکي فرمايائون اي عُقبہ انهن ٻنهي جي ذريعي پناهہ گهرندو ڪر ڪنهن پناهہ گهرڻ واري ان جي مثل ڪنهن شيءِ جي وسيلي پناهہ ناهي گهري.

(سنن ابي داود، الحديث 1463 ج. 2، ص. 103)

﴿4﴾ **ام المومنين** سيدتنا عائشہ صديقہ رَضِیَ اللہُ عَنْہَا کان روايت آهي تہ جڏهن رسول الله صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن آرام فرمائڻ لاءِ بستري تي تشريف کڻي ايندا هئا تہ ٻنهي هٿن کي جوڙي کري **سوره اخلاص، فلق** ۽ **ناس** پڙهي کري دم ڪندا ۽ بدن اقدس جي جنهن بہ حصي تائين هٿ پهچندا هئا وستائين ڦيريندا هئا پر هٿ ڦيرڻ جي شروعات مٿي ۽ چهري کان هوندي هئي ۽ جسم اقدس جي اڳيئي حصي کان ۽ اهڙي طرح ٽي ڀيرا هي عمل ڪندا هئا.

(صحيح البخاري، الحديث 5017 ج. 3 ص. 407)

﴿5﴾ **حضرت سيدنا** عبد الله بن حبيب رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان مروي آهي تہ سرڪارِ دوعالم نورِ مجسم، شاهِ بني آدم رسولِ محتشم صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ان سان فرمايو قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ ۽ **معوذتين** (**سوره فلق** ۽ **سوره ناس**) روزانو ٽي ٽي ڀيرا صبح ۽ شام پڙهي وٺندو ڪر هي تنهنجي لاءِ هر شيءِ کان ڪفايت ڪنديون. (الدرالمنثور، ج. 8، ص. 681)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ


هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❁ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❁ روزانو "فڪرِ مدينه" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي اصلاح جي لاءِ "مدني انعامات" تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ "مدني قافلن" ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ










عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net